# سنڌ آرڊيننس نمبر V مجريه 1974
# SINDH ORDINANCE NO.V OF 1974
# اولهه پاڪستان فشريز (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1974
## THE WEST PAKISTAN FISHERIES (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1974
## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1961 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس XXX جي پهرين شيڊول جي ترميم

Amendment of First Schedule to West Pakistan Ordinance XXX of 1961

# سنڌ آرڊيننس نمبر V مجريه 1974
# SINDH ORDINANCE NO.V OF 1974
## اولهه پاڪستان فشريز (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1974
## THE WEST PAKISTAN FISHERIES (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1974

[28 فيبروري 1974]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهه پاڪستان فشريز آرڊيننس، 1961 ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي ويندي.

**تمهيد (Preamble)**

جيئن ته سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهه پاڪستان فشريز آرڊيننس، 1961 ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نه آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريه پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي؛

**مختصر عنوان ۽ شروعات**
**Short title and commencement**

1. (1) هن آرڊيننس کي اولهه پاڪستان فشريز (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1974 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

| | |
|---|---|
| 2. سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهہ پاڪستان فشريز آرڊيننس، 1961 جي پهرين شيڊول جي ڪالم 4 ۾، جريان نمبر 3، 4 ۽ 5 جي سامهون لفظ "آگسٽ" لاءِ لفظ "جولاءِ" متبادل ٿيندو. | 1961 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس XXX جي پهرين شيڊول جي ترميم<br>Amendment of First Schedule to West Pakistan Ordinance XXX of 1961 |

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**